# اعلىٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيه جي

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# شاعري ۽ عشقِ رسول



**24-October-2019**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# اعليٰ حضرت جي شاعريءِ ۾ عشقِ رسول

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰه
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰه

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري ونو، جوته جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو- ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون- اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي- "فتاويٰ شامي" ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ عاليشان آهي: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ملن ۽ مصافحو ڪن (يعني هٿ ملائين) ۽ نبي ڪريم (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرودِ پاڪ موڪلين ته انهن جي جُدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا سمورا گناهه معاف ڪيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلي، مسند انس بن مالک، ۹۵/۳،حديث:۲۹۵۱)

ڪعبے کے بدرالدُّجیٰ تم پہ کروروں دُرُود طيبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروروں دُرُود

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون

نِيّتون ڪري ونون ٿا. فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس-

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ صَفَرُ الْمُظَفّر جي پنجويهين رات آهي ۽ پنجويهه (25) صَفَرُ الْمُظَفّر تي سڄي دُنيا ۾ اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت، پروانهءِ شمع رسالت، مُجدّدِ دين و ملت، باعثِ خير و برڪت، امامِ عَشق ومحبت **امام احمد رضا خان** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو **عُرس** ملهايو ويندو آهي، دَعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ هن بابرڪت موقعي تي باقاعده **اجتماعِ يومِ رضا** جو اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ **قرآن خواني، نعت خواني ۽ سيرتِ اعليٰ حضرت تي بيانات** وغيره جو شيڊيول هوندو آهي، هن سال چوته اهو **اجتماعِ يومِ رضا** جمعي جي رات جو آهي ۽ دعوتِ اسلامي جو **هفتيوار اجتماع** اڪثر شهرن ۾ شبِ جمعه (خميس ۽ جمعي جي وچين رات) جو ٿي ٿيندو آهي، ان ڪري هن ڀيري سڄي ملڪ ۾ **اجتماعِ يومِ رضا ۽ هفتيوار اجتماع گڏجي** تي رهيا آهن-

اچو! سڀ کان پهريان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت جون ڪجهه مختصر جهلڪيون ٻڌون ٿا، ❖ **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادتِ باسعادت 10شوّالُ الْمُڪرَّم ڇنڇر جي ڏينهن ٿي - ❖ **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لڳ ڀڳ 4

سالن جي عمر ۾ ناظره قرآن پاڪ ختم ڪري ورتو ۽ اُنهيءَ عمر ۾ فصيح (يعني خالص) عربي زبان ۾ گُفتگو فرمائي- ❖ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ تقريباً 6 سال جي عمر ۾ پهريون بيان فرمايو- ❖ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ 13 سال 4 مهينا ۽ 10 ڏينهن جي عمر ۾ علومِ درسيہِ کان فراغت ماڻي ۽ دستارِ فضيلت ٿي، انهيءَ ڏينهن فتويٰ لکڻ جو باقاعده آغاز فرمايائون ۽ درس ۽ تدريس جي بہ شروعات ڪيائون- ❖ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ **جي** تقريباً 19 سال جي عمر ۾ سنّتِ نڪاح ادا ٿي ۽ ازدواجي زندگي جي ابتدا ٿي- ❖ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ **کي** تقريباً 23 سالن جي عمر ۾ پهرين ڀيري ۽ تقريباً 51 سالن جي عمر ۾ ٻيهر زيارتِ حرمين شريفين جي سعادت حاصل ٿي ❖ **اعليٰ حضرت** رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ تقريباً 68 سالن جي عمر ۾ آخري وصيتون لکرايون ۽ نيٺ علم ۽ فن جو اهو عظيم آفتاب 25 صفرالمظفر 1340ھ28 آڪٽوبر1921ء جو جمعة المبارڪ جي ڏينهن نيڪ اذانِ جمعہ جي وَقت تقريبا 68 سالن جي عمر ۾ لهي ويو- (ماخوذازحياتِ اعليٰ حضرت ،جهانِ رضا، سوانحِ امام احمدرضا، تجلياتِ امام احمد رضا ،تذڪره امام احمد رضا)

الله ڪريم جون انهن تي ڪروڙين رحمتون نازل ٿين، الله پاڪ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرمائي-

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ پنهنجي وقت جا تمام وڏا عاشقِ رسول هئا- اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي سڄي زندگي عشقِ رسول ۾ گذري آهي- پاڻ گفتگو ڪندا هئا تہ لفظن جي صورت ۾ عشقِ رسول جا جام پيئاريندا هئا، پاڻ قلم ڪڻندا هئا تہ تحرير جي صورت ۾ عشقِ رسول کي فروغ ڏيندي نظر ايندا هئا، جڻ سندن زندگي جو هڪ هڪ لمحو عشقِ رسول جا جام پيئڻ ۽ پيئارڻ ۾ گذريو هو- سندن جي شاعري مان سندس عشقِ رسول جي صحيح خبر پوندي آهي-

هونئن تہ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ ڪوڙ سارين **خوبين** جا مالڪ هئا، پر خاص ڳالهہ اها آهي تہ سندن جا ڪيئي شعر قرآن پاڪ جي تفسيري معنيٰ ۽ احاديث ڏانهن اشارو ڪندا آهن، جڻ قرآن ۽ حديث ۾ جيڪو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شان بيان ٿيو آهي، اهو اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي ڪيئي شعرن ۾ بيان ٿيل آهي- جيئن هڪ هنڌ فرمائن ٿا:

مومن ہوں مومنوں پہ رؤُفٌ رحیم ہو سائل ہوں سائلوں کو خوشی لَاتَنھَر کی ہے

(حدائق بخشش ، ص۲۱۲)

هن ۾ قرآنِ پاڪ جي هن آيت سڳوري ڏانهن اشارو آهي:

وَاَمَّا السَّآىِٕلَ فَلَا تَنْهَرْؕ﴿۱۰﴾ ترجمو ڪنز الايمان: ۽ سوالي کي نہ جهڻڪ.

(پ۳۰، الضحي:۱۰)

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هڪ ٻي هنڌ فرمائن ٿا:

مجرم بلائے آئے ہیں جَآءُوْكَ ہے گواہ پھر رد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے

(حدائق بخشش ، ص۲۰۵)

هن شعر ۾ قرآنِ پاڪ جي هن آيت سڳوري ڏانهن اشارو آهي:

وَ لَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ فَاسْتَغْفَرُوا اللّٰهَ وَ اسْتَغْفَرَ لَهُمُ الرَّسُوْلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِیْمًا﴿۶۴﴾

(پ۵،النساء:٦۴)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ الله کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور الله کي گهڻو توبہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

اهڙي طرح سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه هڪ ٻي هنڌ فرمائن ٿا:

ربّ ہے مُعطِی، یہ ہیں قاسم رزق اس کا ہے، کھلاتے یہ ہیں

(الاستمداد،ص۶)

هن ۾ هن حديثِ پاڪ ڏانهن اشارو آهي جنهن ۾ پاڻ ڪريم عَلَيهِ الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ارشاد فرمايو: اِنَّمَا اَنَا قَاسِمٌ وَاللّٰهُ الْمُعْطِي يعني ڏيڻ وارو الله آهي ۽ ورهائڻ وارو مان آهيان- (بخاري، ڪتاب الاعتصام، باب قول النبي لاتزال طائفة،۵۱۱/۴، حديث: ۷۳۱۱)

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ڪلام قرآن ۽ حديث جو آئينہ دار آهي ۽ هن ۾ بہ ڪو شڪ ناهي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي لکيل هڪ هڪ نعت فنِ شاعري ۾ بہ ڪمال درجي تي آهي ۽ عشقِ رسول جي نئين نئين جهتن کان بہ آگاهہ ڪري ٿي- جهڙي طرح اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي جسم جو ذرو ذرو رحمتِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي محبت سان لبريز هو، اهڙي طرح سندن جي نعتيہ شاعري جو هر هر لفظ بہ عشقِ رسول سان لبريز نظر اچي ٿو- سندن جو عشقِ رسول ڪمال جي ان درجي تي هو جو اڄ سؤ سال گذرڻ جي باوجود بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا لکيل شعر جتي پڙهيا وڃن، ٻڌڻ وارا پنهنجي دلين ۾ عشقِ رسول جي تڙپ کي وڌيڪ وڌندو محسوس ڪندا آهن- انهن جون دليون جهومي پونديون آهن، بلا اختيار زبان مان سُبْحَانَ الله سُبْحَانَ الله جون صدائون نڪرنديون نظر ايندون آهن- اڄ جي بيان جو موضوع بہ **"اعليٰ حضرت جي شاعري ۾ عشقِ رسول" آهي- الله** ڪري تہ اسان سڄو بيان توجهہ سان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري وٺون-

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اچو پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿا:

## مالدارن جي چاپلوسي ڇو ڪيان؟

هڪ ڀيري نانپاره رياست (ضلعو بهرائچ يوپي هند) جي نواب جي مدح (يعني تعريف) ۾ شاعرن قصيدا لکيا، سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ ماهر ۽ عظيم شاعرن مان هئا، ان ڪري ڪجهہ ماڻهن اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بہ گذارش ڪئي تہ سائين! توهان بہ نواب صاحب جي مدح ۾ ڪو قصيدو لکو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي جواب ۾ هڪ نعت شريف لکي جنهن جو **مَطْلَع يعني پهريون شعر هيئن** آهي

وہ کمالِ حُسنِ حُضور ہے کہ گمانِ نقص جہاں نہیں

یہی پھول خار سے دُور ہے یہی شمع ہے کہ دھواں نہیں

(حدائقِ بخشش،ص۱۰۷)

يعني رحمت عالم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو حسن ۽ جمال جو ڪمال اهو آهي تہ هن ۾ ڪا خامي هجڻ تہ پري جي ڳالهہ خامي جو گمان بہ نٿو ڪري سگهجي.

ٻي مصرع جو مطلب آهي عام طور هر گل سان گڏ ڪنڊا هوندا آهن باهہ سان گڏ دونهون بہ ٿيندو آهي، پر حضور عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام باغِ رسالت جا اهڙا گل آهن جنهن ۾ ڪو ڪنڊو نہ آهي ۽ پاڻ اهڙي شمع آهن جنهن ۾ ڪو دونهون نہ آهي-

هن ڪلام جي مَقطَع يعني آخري شعر ۾ رياست نان پاره جي نواب صاحب جي تعريف ۾ قصيدو نہ لکڻ جي نفيس ۽ عشق ۽ محبت سان ڀرپور سبب هن طرح بيان فرمايو تہ

ڪروں مدحِ اہلِ دُوَل رضا پڑے اس بلا میں مری بلا

میں گدا ہوں اپنے کریم کا مرا دین پارۂ ناں نہیں

(حدائقِ بخشش،ص۱۰۹)

يعني اي رضا مان دولت مندن، دنيا جي نوابن ۽ حڪمرانن جي تعريف ۽ خوشامد ڇو ڪيان؟ ائين هرگز نٿو ٿي سگهي- مالدارن جي خوشامد ڪرڻ هڪ بلا (مصيبت) آهي ۽ هن بلا ۾ منهنجي بلا ئي پوي- (يعني مون سان تہ ائين ٿئي نٿو سگهي) جڏهن تہ ٻي مِصرَع ۾ فرمائن ٿا تہ مان تہ پنهنجي رسولِ ڪريم، محبوبِ عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دربار جو سوالي آهيان، منهنجو دِين ”ماني جو ٽڪرو“ ناهي جو جيڏانهن ”مال“ ڏٺو اوڏانهن لڙي وڃان- (ملفوظات اعليٰ حضرت ،ص۳۰ماخوذًا) الله پاڪ اسان کي بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جهڙي خود داري نصيب فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوشامدي کان بچون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حڪايت مان معلوم ٿيو! الله وارا دنيا وارن جي خُوشامد ۽ چاپلوسي ناهن ڪندا، ڇوتہ دولت مندن جي خُوشامد تہ اهو

ڪري، جنهن ڪي دُنيا جي ذليل دَولت ماڻڻ جي لالَچ هجي، جڏهن تہ اللّٰه وارا تہ قَناعت جي قيمتي دولت سان مالا مال هوندا آهن، اللّٰه وارن جي نظر دولتمندن جي فاني مال تي نہ بلڪ اِللّٰه وارن ڪي رَحمتِ اِلٰهي تي ڀروسو هوندو آهي، اللّٰه وارن جي دل محبتِ اِلٰهي ۽ محبتِ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان سرشار هوندي آهي- ياد رکو! مالدارن جي چاپلوسي ڪرڻ، انهن جي خوشامد ڪرڻ شرعي طور سخت ممنوع ۽ دِين جي لاءِ نقصانڪار آهي- اچو خوشامد جي مذمت بابت 2 حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. ارشاد فرمايائون: جڏهن ڪنهن قرآن پڙهيو ۽ تَفَقُّه فِي الدّين حاصِل ڪيو (يعني عالم بڻيو) پوءِ بادشاه جي دروازي تي اُن جي چاپلوسي ڪئي ۽ (اُن جي) مال جي لالچ ۾ آيو تہ اهو بادشاه جي گناهن جي برابر دوزخ جي باه ۾ داخل ٿيو- (مسند الفردوس، ۲۸۹/۱، حديث:۱۱۳۴)

2. **ارشاد فرمايائون:** مِنْ خُلُقِ الْمُؤْمِنِ التَّمَلُّقُ يعني مسلمان خوشامد ڪندڙ ناهي هوندو- (شعب الايمان، باب في حفظ اللسان،۲۲۴/۴ ،حديث: ۴۸۶۳)

اي عاشقانِ رسول! معلوم ٿيو تہ اميرن سان اهڙو تعلق رکڻ جنهن ۾ دِين ۽ خُود داري تي سمجهوتو ڪرڻو پوي اهو سنو نہ آهي-البت نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ انهن وٽ ضرور وڃڻ گهرجي- اللّٰه پاڪ اخلاص سان دِين جي خدمت جي توفيق عطا فرمائي- اٰمِين بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ -

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عشق ۽ مَحَبّت ڇا ڪي چئبو آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شاعري ۽ سندن جي عشقِ رسول بابت ٻڌي رهيا هئاسين- عشق ڇا کي چئبو آهي؟ محبت ڇا آهي، حُجَّةُ الاسلام حضرتِ امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مَحَبَّت جي وصف بيان ڪندي فرمائن ٿا: طبيعت جو ڪنهن لذيذ شيءِ ڏانهن مائل ٿي وڃڻ "مَحَبَّت" چورائيندو آهي- ۽ جڏهن اهو ميلان قوي ۽ پختو (يعني گهڻو مضبوط ۽ شديد) ٿي وڃي تہ ان کي "عشق" چوندا آهن- (احياء العلوم، ڪتاب المحبة والشوق...الخ، بيان حقيقة المحبة...الخ ،۶/۵)

## عشقِ رسول ڇا آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! امام غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه جي فرمان جو خلاصو اهو آهي ته ڪنهن پسنديده شيء سان تَعَلُّق قائم ٿي وڃڻ **مَحَبَّت** چورائي ٿو ۽ جڏهن اهو ئي تعلق شدت اختيار ڪري وڃي ته ان کي **عشق** چوندا آهن-

## عشقِ رسول جون تقاضائون

مسلمان توڙي جو بي عمل ئي ڇو نه هجي، پر ان کي اللّٰه ۽ رسول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت ضرور هوندي آهي ۽ هئڻ به گهرجي- اڇو! ٻڌون ٿا ته عشق ۽ محبت جو تقاضو ۽ ان جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟ جيئن عالم سڳورا فرمائن ٿا: اللّٰه پاڪ ۽ ان جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مَحَبَّت ۽ عشق جو تقاضو ۽ نشاني اها آهي ته سندن جي **اطاعت** ۽ **فرمانبرداري** وارا ڪم ڪيا وڃن-

حضرتِ سهل بن عبدُاللّٰه رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: اللّٰه ڪريم سان مَحَبَّت جي نشاني قرآنَ سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ قرآن سان مَحَبَّت جي علامت نبي ذيشان، رسولِ رحمٰن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ رحمت عالم، نُورمجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان مَحَبَّت جي نشاني سندن جي سنت سان مَحَبَّت ڪرڻ آهي ۽ انِهن سڀني سان مَحَبَّت جي نشاني اها آهي ته آخرت سان مَحَبَّت ڪئي وڃي ۽ آخرت سان مَحَبَّت جي نشاني اها آهي ته ضرورت کان علاوه دنيا کان بُغض رکيو وڃي- (تفسير قرطبي،پ۳،آل عمران،تحت الآية:۳۱،۲/۴۷ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **عشقِ رسول** جون وڌيڪ ٻيون **ڪيئي تقاضائون** آهن- جيئن ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته اللّٰه** ۽ ان جي رسول سان محبت ڪئي وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** ان جو مبارڪ ذڪر ڪثرت سان ڪيو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** سندن جي مبارڪ ارشادن کي ٻڌي عمل ڪيو وڃي ۽ اڳتي ڦهلايو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** سندن جي شهر سان به محبت ڪئي وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** سندن اولاد سان به محبت ڪئي وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** سندن جي صحابهِ ڪرام سان به محبت ڪئي وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو**

**اهو به آهي ته سندن جي هر هر ادا سان محبت ڪئي وڃي-** ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** ڪين تي نازل ٿيڻ واري ڪتاب قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪئي وڃي، ان کي سمجهيو وڃي ۽ ان تي عمل ڪيو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** پنهنجي زندگي کي سُنّتن تي عمل ڪندي گذاريو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** اسان کي پنهنجي آقا ۽ مولا، جنابِ احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت ۽ ڪردار کي اپنائڻ گهرجي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته هڪ به** نماز قضا نه ڪئي وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** ڪوڙ کان بچيو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** غيبت ۽ چغلي کان بچيو وڃي- ❖ **عشقِ رسول جو هڪ تقاضو اهو به آهي ته** هر ان ڪم کان بچيو وڃي جنهن کان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ منع فرمايو آهي-

## سلامِ رضا جي گُونج

اي ڪاش! اسان کي به حقيقي عشق ۾ جيئڻ مرڻ نصيب ٿي وڃي- هن ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته جڏهن ڪنهن کي ڪنهن سان محبت ۽ عشق ٿي وڃي ته عاشق پنهنجي قلبي جذبات جو اظهار ۽ محبوب جي تعريف ۽ توصيف بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن شاعري جو سهارو وٺندو آهي، چوته پنهنجي دِلي جذبن کي شعرن جي ذريعي تمام سٺي انداز ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به عشقِ مصطفيٰ جي اِظهار جي لاءِ نعتيه شاعريءَ واري واٽ به اِختيار ڪئي- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو نعتيه ڪلام بنام "**حدائقِ بخشش**" عشقِ رسول سان مالا مال نعتيه شاعري جو هڪ عظيم مجموعو آهي- اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قلم سان لکيل هڪ هڪ شعر شريعت جي عين مُطابق آهي-

## مناظرِ ڪائنات ۽ حدائقِ بخشش

جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته سمجهه ايندو ته هي ڪائنات حسين نظارن سان ڀريل پئي آهي، انهن منظرن ۽ نظارن کي هر ڪو پنهنجي نقطهءِ نظر سان ڏسندو آهي، سائنسدان(Scientist) انهن کي پنهنجي سائنس جي روشني ۾ ڏسندو آهي، جغرافيه دان (Geographer)انهن کي پنهنجي علم جي روشني ۾ ڏسندو آهي، ڪيمسٽري وارو انهن کي علمِ ڪيمسٽري جي نگاهه سان ڏسندو آهي جڏهن ته سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چوته پڪا عاشقِ رسول هئا، ان ڪري پاڻ انهن

سيني نظارن کي عشقِ رسول جي نگاھ سان ڏسندا ھئا ۽ ذھن ۾ ايندڙ خيالن کي نعتيہ شاعري جي صورت ۾ بيان بہ ڪندا ھئا- سندن جي نعتيہ ڪلام حدائقِ بخشش ۾ ڪيئي منظرن کي عشقِ رسول ۾ ٻڏي ڪري محبت واري انداز ۾ سمجھايو ويو آھي- انھن نظارن مان ھڪ سج بہ آھي- اھو ئي سج آھي جيڪو تمام جھان کي پنھنجي نور سان روشن ڪري رھيو آھي، اھو ئي سج آھي جيڪو ھزارين سالن کان دنيا کي جڳمڳائي رھيو آھي پر ان جو نور گھٽ نہ پيو ٿئي- اھو ئي سج آھي جيڪو ھر ڏينھن نور جي خيرات ورھائيندو آھي- اھو ئي سج آھي جنھن جي طلوع ۽ غروب ٿيڻ سان دنيا جو نظام ھلي رھيو آھي، ھن سج کي ڪائنات جي نظارن ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آھي-

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق جي ڪتاب ۾ ان سج جي حقيقت ڇا آھي، جڏھن رحمت عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جُود و سخاوت جي ڳالھ ھلي رھي ھئي تہ فرمائن ٿا:

جس کو قُرصِ مہر سمجھا ہے جہاں اے مُنْعِمُو!
اُن کے خوانِ جُود سے ہے ایک نانِ سوختہ

(حدائقِ بخشش،ص۱۳۶)

يعني اي تاجدارو! اي بادشاھو! سڄو جھان جنھن کي سج چوندو آھي، ماٺھو جنھن کي آفتاب چئي سڏيندا آھن، جنھن کي سج جو نالو ڏنو ويندو آھي- اھو ئي سج ۽ اھو ئي افتاب، جانِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دستر خوان جي سڙيل ماني آھي، ٿورو سوچيو تہ جنھن ڪريم آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دسترخوان جي سڙيل ماني سان ڪائنات جو گذارو ٿي رھيو آھي تہ ان جي دستر خوان جون اھي مانيون جيڪي سڙڻ کان محفوظ آھن، انھن جو ڇا حال ھوندو ۽ جنھن محبوب عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي سڙيل مانيءَ ڏانھن ڏسڻ اکيون برداش نہ سگھن، ان جي پنھنجي مبارڪ چھري جي انوار جو عالم ڇا ھوندو؟

ڪنھن شاعر ڇا ئي خوب فرمايو آھي:

قدموں میں جبیں کو رہنے دو چہرے کا تصوّر مشکل ہے
جب چاند سے بڑھ کر ایڑی ہے تو رُخسار کا عالم کیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## چنڊ ۽ تَخَيلاتِ رضا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اعليٰ حضرت جي شاعري ۾ عشقِ رسول بابت ٻُڌي رهيا هئاسين- چنڊ جو ذڪر شعر و شاعري ۾ جڳهه جڳهه تي ملندو آهي- محبوب جي حُسن ڪي، محبوب جي خوبصورتي ڪي، محبوب جي دلڪشي ڪي ۽ محبوب جي رنگت ڪي چنڊ سان تشبيه ڏيڻ اردو شاعري ۾ گهڻو عام آهي- پر جهڙي طرح سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چنڊ کي نعتِ محبوب جي لاءِ استعمال ڪيو آهي اهو پنهنجو مٽ پاڻ آهي- اچو! ان جا ڪجهه مثال ٻڌون ٿا:

(1) عام طور شاعر حضرات چنڊ جي حُسن جي ته ڳالهه ڪندا آهن پر ان جي نشانن کي نظر انداز ڪري ڇڏيندا آهن، سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عشق جي رنگ ۾ ٻڌايو ته چنڊ تي داغ ڇو آهن؟ جيئن فرمائن ٿا:

برقِ انگشتِ نبی چمکی تھی اُس پر ایک بار
آج تک ہے سِینۂ مہ میں نشانِ سوختہ
(حدائقِ بخشش، ص۱۳۶)

يعني سرڪارِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ هٿن جي نوراني آڱر هڪ ڀيرو چمڪي چنڊ تي پئي پر اڄ تائين چنڊ جي سيني ۾ سڙڻ جو نشان موجود آهي-

(2) پوءِ هڪ ٻي شعر ۾ چنڊ کي اهو داغ مٽائڻ جو طريقو به ٻڌائيندي نظر اچن ٿا، جيئن قصيده معراج ۾ فرمائن ٿا:

ستم کیا کیسی مت کٹی تھی قمر! وہ خاک اُن کے رہ گزر کی
اُٹھا نہ لایا کہ ملتے ملتے یہ داغ سب دیکھتا مٹے تھے
(حدائقِ بخشش، ص۲۳۲)

يعني اي چنڊ تنهنجي عقل کي ڇا ٿيو آهي جو ايترو وڏو ستم ڪري ويٺين، جڏهن معراج جي رات آقا ڪريم، رسول عظيم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آسمانن جي سير جي لاءِ تشريف فرما ٿيا هئا ته انهن جي گذرڻ واري واٽ جي خاڪ کڻي وڃين ها ۽ پنهنجي داغن تي مَلِندو رهين ها- تون جي هن خاڪ کي ملين ها ته تنهنجا سمورا داغ ختم ٿي وڃن ها-

(3) هڪ ٻي هنڌ سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هن چنڊ کي رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نِنڊپڻ جو رانديڪو قرار ڏين ٿا- جنهن ۾ هن حديثِ پاڪ ڏانهن اشارو آهي ته حضرت عبّاس رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا ته مون عرض ڪيو: يارسول الله! صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي ته اوهان جي نُبُوَّت جي نشانين دِينِ اِسلام ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي- مون ڏٺو ته پاڻ سڳورا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ پينگهي ۾ چنڊ سان ڳالهيون ڪن پيا ۽ پنهنجي آڱر سان جنهن پاسي اشارو ڪن پيا، چنڊ انهيءَ پاسي جُهڪي پيو وڃي- (جمع الجوامع، ۲۱۲/۳، حديث:۸۳۶۱) ان ڪري اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

چاند جھک جاتا جدھر اُنگلی اٹھاتے مَہد میں
کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا
(حدائقِ بخشش، ص۲۴۹)

(4) هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا :

ماہِ مدینہ اپنی تجلّی عطا کرے!
یہ ڈھلتی چاندنی تو پہر دو پہر کی ہے
(حدائقِ بخشش، ص۲۰۲)

يعني هڪ آسمانن جو چنڊ آهي ۽ هڪ مديني جو چنڊ آهي- آسمانن جو چنڊ به رِوشني پکيڙندو آهي مديني جو چنڊ به نور جي خيرات ورهائيندو آهي، آسمانن جو چنڊ جيڪا روشني ڏيندو آهي اها هڪ ٻه پهر تائين جي لاءِ هوندي

آهي جڏهن ته مديني جو چنڊ جيڪڏهن نور جي جهلڪ به عطا فرمائي ڇڏي ته دنيا ۽ آخرت بئي روشن ٿي وڃن ٿا- انهيءَ ڪري هڪ ٻي هنڌ تي نور جي خيرات وٺڻ جي لاءِ عرض ڪن ٿا:

چمک تجھ سے پاتے ہیں سب پانے والے
مرا دِل بھی چمکا دے چمکانے والے

(حدائقِ بخشش، ص۱۵۸)

## چوڏهين جو چنڊ ۽ طيبہ جو چنڊ

(5) هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا ته چنڊ سج ته آقا ڪريم، رسول عظيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي رُخ روشن جي سامهون ڪجهه به نه آهن، جيئن اِرشاد فرمائن ٿا:

خُورشید تھا کس زور پر کیا بڑھ کے چمکا تھا قمر
بے پردہ جب وہ رُخ ہوا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

(حدائقِ بخشش، ص۱۱۰)

يعني عين منجهند جي وقت سج پنهنجي عروج تي هجي، پوءِ رات تي وجي ۽ چنڊ پنهنجي جوبن تي اچي، ايتري ۾ جانِ عالَم، شاهه بني ادم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو رُخِ انور پردي مان باهر اچي ته سج به شرمائجي ويندو، چنڊ به حيران ٿي منهن لڪائيندو چوته جهڙا منهنجا سرڪار آهن اهڙو ٻيو ڪو ناهي- هن ۾ ان حديثِ پاڪ ڏانهن اشارو به آهي ته حضرت جابر بن سَمُره رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي چانڊوڪي رات ۾ سُرخ (لڪيرن وارو) جبو پائيندي ڏٺو، مون ڪڏهن چنڊ جي طرف تي ڏٺو ۽ ڪڏهن سَرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري اَنور جي طرف تي ڏٺو، ته مون کي سندن جو چهرو چنڊ کان به وڌيڪ خُوبصُورت نظر ٿي آيو- (سنن الترمذي،كتاب الأدب، باب ماجاء في الرخصة في لبس ---الخ، الحديث:٢٨٢٠، ٣٧٠/٤)

حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمديار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح بيان ڪندي فرمائن ٿا: ❖ صَحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان جون نگاهون حقيقت کي ڏسڻ واريون هيون- ❖ ڪيئي سبب جي ڪري نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو چهرو چنڊ کان به وڌيڪ حسين آهي- ❖ چنڊ صرف ٿي راتيون چمڪندو آهي چهرو هميشه هر ڏينهن رات چمڪي ٿو- ❖ چنڊ جسمن تي

چمڪندو آهي چهرهءِ مصطفيٰ جسمن سان گڏ دلين تي بہ چمڪندو آهي- ❖ چنڊ نورِ اَبدان (يعني جسمن) کي نُور ڏيندو آهي، جڏهن تہ چهرهءِ مصطفوي اِيمان کي نور ڏيندو آهي- ❖ چنڊ گهٽجندو وري وڌندو آهي جڏهن تہ چهرهءِ مصطفيٰ گهٽجڻ کان محفوظ آهي- ❖ چنڊ کي گِرهڻ لڳندو آهي جڏهن تہ چهرهءِ مصطفيٰ کي ڪڏهن نہ لڳي، ❖ چنڊ سان عالمِ اَجسام جو نظام قائم آهي، حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان عالَمِ ايمان جو نظام قائم آهي. (مرآة المناجيح،٨/٦٠ ملخصاً)

آسماں کے چاند میں تو پھیکا پھیکا نور ہے ... آگیا وہ نور والا جس کا سارا نور ہے
صبحِ میلادُ النّبی ہے کیا سُہانا نور ہے ... آگیا وہ نور والا جس کا سارا نور ہے
آنکھ والو آؤ دیکھو ماہِ طیبہ کی ضیا ... آسماں کے چاند میں تو پھیکا پھیکا نور ہے
تُو نہ ہوتا تو نہ ہوتا دو جہاں کا انتظام ... تُو زمیں کا نور ہے تُو آسماں کا نور ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شاعري ۽ عشقِ رسول بابت پڙهي رهيا هئاسين، عشقِ رسول تي مشتمل شاعري پڙهڻ جو هڪ فائدو اهو بہ ٿيندو آهي تہ هن سان دل ۾ محبتِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ۾ اضافو ٿيندو آهي- پر ان جي لاءِ اهو ضروري آهي تہ اشعار صحيح هجن ۽ اشعار لکڻ وارو خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ سان معمور هئڻ سان گڏوگڏ دين ۽ شريعت جي ضروري مسئلن سان بہ واقف هجي- اَميرِ اهلسنّت بانيءِ دعوت اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن ڳالهہ جي رهنمائي ڪندي پنهنجي مشهور تاليف ”کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب“ ۾ لکن ٿا: سرڪارِ اعليٰ حضرت، امام اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ارشادن جو خُلاصو آهي تہ جاهل نعت لکندڙن شاعرن جا ڪلام ڪڏهن ڪڏهن ڪفريات سان ڀرپور هوندا آهن، تنهنڪري اهڙا ڪلام پڙهڻ وارن کي محفلِ نعت ۾ گهرائڻ بہ ناجائز، اهڙي نعت خواني ۾ ڪنهن کي موڪلڻ بہ حرام ۽ اهڙي ڪلام جو ٻڌڻ بہ گناهہ آهي- (کفریہ کلمات کے بارے میں سوال جواب ، ص۲۳۴)

جڏهن تہ سيپاري 19سُوْرَةُ الشُّعَرَاء ۾ ارشاد آهي:

وَ الشُّعَرَآءُ يَتَّبِعُهُمُ الْغَاوٗنَ ﴿۲۲۴﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّهُمْ فِيْ كُلِّ وَادٍ يَّهِيْمُوْنَ ﴿۲۲۵﴾ وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ ﴿۲۲۶﴾

تَرْجمو كنز الايمان: ۽ شاعرن جي پيروي گمراھ ڪندا آھن. ڇا تو نہ ڏٺو تہ اھي ھر وادي ۾ ڀٽڪندا ڦرندا آھن. ۽ اھو ڪجھ چوندا آھن جيڪي ڪندا ناھن.

(پ١٩،الشعراء:٢٢۴تا٢٢۶)

هن آيت سڳوري تحت تفسير صراطُ الجنَان ۾ لکيل آھي تہ ھن مان معلوم ٿيو تہ شاعرن جو ڪوڙا ۽ باطل شعر لکڻ، انهن کي پڙھڻ، ٻين کي ٻڌائڻ ۽ انهن کي معاشري ۾ رائج ڪرڻ گمراھ ماڻھن جو ڪم آھي، ھن مان انهن ماڻھن کي نصيحت حاصل ڪرڻ گھرجي جيڪي اھڙا شعر لکن ٿا جن ۾ الله پاڪ ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي توھين، دينِ اسلام ۽ قرآن جو مذاق اڏائڻ ۽ الله پاڪ جي بارگاھ جي مقرب ٻانھن جي شان ۾ گستاخي جا ڪلمات ھوندا آھن، ائين ئي بي حيائي، عُرياني ۽ فحاشي جي ترغيب تي مشتمل، عورت ۽ مرد جي نفساني جذبات کي ڀڙڪائڻ وارن لفظن سان شاعري ڪندا آھن ۽ انهن سان گڏوگڏ اھي ماڻھو بہ نصيحت حاصل ڪن جيڪي انهن جي بيهوده شاعري ٻڌن، پڙھن ۽ ٻين کي ٻڌائن ٿا- ( تفسير صراط الجنان، ۷/۱۷۱)

## ڪنهن ڪنهن جو ڪلام پڙھڻ گھرجي؟

امير اھلسنت ،حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: ڪلام کي شريعت جي ڪسوٽي تي پرکڻ جي ھر ھڪ ۾ صلاحيت ناھي ھوندي، تنھنڪري عافيت انھيء ۾ آھي تہ مُستَنَد علماءِ اھلسنّت جو ڪلام ٻڌو وڃي- اردو ڪلام ٻڌڻ جي لاءِ مشوري طور "نعتِ رسول" جي 7 اکرن جي نسبت سان 7 نعت لکندڙن جا نالا حاضر آھن: (1) امامِ اھلسنّت، مولٰينا شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (2) اُستاذِ زَمَن حضرت مَولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (3) خليفہءِ اعليٰ حضرت مَدّاحُ الحبيب حضرت مولٰينا جميل الرحمٰن رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (4) شھزادهءِ اعليٰ حضرت، تاجدارِ اھلسنّت حُضور مفتيءِ اعظم ھند مولٰينا مصطفٰي رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (5) شھزادهءِ اعليٰ حضرت ، حُجَّةُ الاسْلام حضرتِ مولٰينا حامد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (6) خليفہءِ اعليٰ حضرت صدرُ الافاضِل حضرتِ علامہ مولٰينا سيد محمد نعيم الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، (7)

حڪيمُ الْاُمَّت حضر تِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ وغيره- وڏيڪ فرمائن ٿا جيڪڏهن غيرِ عالم شاعِر جو ڪلام پڙهڻ پڙهڻ چاهيو تہ ڪنهن ماهرِ فن سُنّي عالِم کان ان ڪلام جي پهريان تصديق ڪرائي وٺو- هن طرح اِنۡ شَآءَ الله ايمان جي حفاظت ۾ مدد ملندي- (کفریه کلمات کے بارے میں سوال جواب ، ص۲۳۷،۲۳۸)

اَلْحَمۡدُ لِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي اداري مڪتبة المدينہ انهن بزرگن مان اڪثر جا ڪلام خوشنما انداز ۾ ڇاپي ڇڏيا آهن- انهن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي قريبي مڪتبة المدينہ تان رابطو فرمايو ۽ نورِ مصطفيٰ جي خيرات، دل ۾ محبتِ مصطفيٰ وڌائڻ ۽ نيڪ ڪمن تي عمل جو جذبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ خوب وڌ کان وڌ حصو وٺڻ وارا بڻجي وڃو- 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”قافلو“ بہ آهي-

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”قافلو“

اَلْحَمۡدُ لِلّٰہ راهِ خدا ۾ سفر ڪندڙ قافِلن جي بَرَڪت سان خبر ناهي ڪيترن ماڻهن جي زندگين ۾ انقلاب برپا ٿي چڪو آهي- ❖ قافِلي ۾ سفر ڪرڻ سان نيڪ ماڻهن جي صحبت ملندي آهي- ❖ قافِلي جي بَرَڪت سان مسجد ۾ نَفلي اِعتڪاف ڪرڻ جي سعادت ملندي آهي- ❖ قافِلي جي بَرَڪت سان بي نمازين کي نمازن جي اَهمّيت معلوم ٿيندي آهي- ❖ قافِلي جي بَرَڪت سان ڪوڙ ديني مسئلا سکڻ جي ِسعادت ملندي آهي- ❖ قافِلي جي بَرَڪت سان مسجدن ۾ ذِڪر ۽ اَذڪار، دَرس ۽ بَيانن جو سِلسِلو جاري رهندو آهي- ❖ قافِلي جي بَرَڪت سان مسجدون آباد ٿينديون آهن- ❖ ۽ مسجدن کي آباد ڪرڻ جي تہ ڇا ڳالهہ ڪجي! حديثِ پاڪ ۾ آهي: جڏهن ڪو بانهو ذِڪر ۽ نَماز جي لاءِ مسجد کي ٺڪاڻو بڻائيندو آهي تہ الله پاڪ ان کان اهڙو خوش ٿيندو آهي جيئن ماڻهو پنهنجي وڃائجي ويل شخص جي واپس موٽڻ تي خوش ٿيندا آهن-" (ابن ماجه،کتا ب المساجد ... الخ،با ب لزوم المساجد ...الخ،۱/ ۴۳۸، رقم :۸۰۰)

اچو! ترغيب لاءِ قافِلي جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا، جيئن

## مدني قافلي جي برڪت سان روزگار ملي ويو

ملتان (پنجاب، پاڪستان) جي رهائشي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هو ڪافي عرصي کان روز گار جي سلسلي ۾ پريشان هو، ڪوڙ هنڌن تي انٽرويو بہ ڏنائين پر ڪو خاطر خواهہ جواب نہ آيو- انهيءَ دوران خوش قسمتي سان ان جي ملاقات دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، ان تسلي ڏيندي چيو: پيارا ڀاءُ گهبرائڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي اوهان دعوتِ اسلامي جي قافلي ۾ سفر ڪريو، اتي بيروزگاري کان نجات جي دعا ڪريو، اِنْ شَآءَ اللہ ڪرم ٿيندو- ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هڪ ڪمپني ۾ ان جو انٽرويو هو، ان ارادو ڪيو تہ انٽرويو کان پوءِ ٽن ڏينهن جي قافلي ۾ سفر ڪندس- انٽرويو کان پوءِ هو قافلي جو مسافر بڻجي ويو- اڃان قافلي جو ٻيو ئي ڏينهن هو تہ ان کي خبر ملي تہ انٽرويو ۾ ڪامياب ٿي چڪو آهي، پوءِ قافلي کان واپسي جي ڪجهہ ڏينهن بعد ئي ان کي ڪمپني جي طرفان ليٽر بہ ملي ويو- اهڙي طرح اَلْحَمْدُلِلّٰہ قافلي جي برڪت سان ان کي روز گار ملي ويو-

نوکری چاہئے، آیئے آیئے قافلے میں چلیں، قافلے میں چلو
تنگدستی مٹے، دُور آفت ہٹے لینے کو بَرَکتیں، قافلے میں چلو
دُور بیماریاں اور پریشانیاں ہوں گی بس چل پڑیں، قافلے میں چلو
سُن لے عطّارؔ کی، اپنے غمخوار کی یہ ندا ''سب چلیں''! قافلے میں چلو

(وسائلِ بخشش مرمَّم،ص۶۷۲-۶۷۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب ! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جي شاعري بابت بيان ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون ۽ اسان اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جي عشقِ رسول صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مشتمل چند بابت ڪجهہ شعر ۽ ان جي وضاحت ٻُڌي، حدائقِ بخشش ۾ اهڙا ڪوڙ شعر مختلف هنڌن تي پنهنجون خوشبوئون لُٽائي رهيا آهن، سندن جي لکيل نعتن کي پڙهندا وجو ٻڌندا وجو لفظ مان عشق ۽ محبت جي مناڻ نظر ايندي- سندن جون لکيل ڪجهہ نعتون عالَمِ

اسلام جي ٻار ٻار جي زبان تي آهن، جنهن کي ڏسو، هر هڪ اهو ئي چوندي نظر ايندو آهي:

سب سے اَولیٰ و اَعلیٰ ہمارا نبی سب سے بالا و وَالا ہمارا نبی
اپنے مولیٰ کا پیارا ہمارا نبی دونوں عالَم کا دُولہا ہمارا نبی
خَلق سے اَولیا، اَولیا سے رُسُل اور رَسولوں سے اَعلیٰ ہمارا نبی
بُجھ گئیں جس کے آگے سبھی مشعلیں شمع وہ لے کر آیا ہمارا نبی
کون دیتا ہے دینے کو منہ چاہیے دینے والا ہے سچا ہمارا نبی
غمزدوں کو رضاؔ مژدہ دیجے کہ ہے بیکسوں کا سہارا ہمارا نبی

(حدائقِ بخشش،ص ۱۳۸ تا ۱۴۰)

## اعليٰ حضرت جو عِشقِ رسول

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه شاعري ۾ جيڪو مقام ماڻيو آهي، ان جو مثال نتو ملي- يقيناً اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جي لکيل ڪلام کي بارگاهِ مصطفيٰ ۾ به قبوليت حاصل هئي- اچو هن طرح جو هڪ واقعو ٻڌون ٿا، جيئن اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه ٻئي ڀيري حج جي لاءِ حاضِر ٿيا ته مدينهءِ منوَّره ۾ نبي رَحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زِيارت جي آرزو ڪٽي روضهءِ اَطهر جي سامهون دير تائين صلوٰة وسلام پڙهندا رهيا، پر پهرين رات قسمت ۾ اها سَعادت نہ هئي- ان موقعي تي اها معروف نعتيہ غَزلِ لکي، جنهن جي مَطلَع (يعني پهرين شعر) ۾ دامنِ رحمت سان وابستگي جي اُمّيد ڏيکاري آهي:

وہ سُوئے لالہ زار پھرتے ہیں تیرے دن اے بہار پھرتے ہیں
(حدائقِ بخشش،ص۹۹)

**شعر جي وضاحت**: اي بهار خوش ٿي وڃ! جو تو تي بهارن جي بهار اچڻ واري آهي، هو ڏس! مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سوءِ لالہ زار يعني باغ ڏانهن تشريف وٺي اچي رهيا آهن-

۾ پوءِ مَقطع (يعني آخري شعر) ۾ بارگاهِ رسالت ۾ پنهنجي عاجزي ۽ مسڪيني جو نقشو هيئن ڪڍيو آهي تہ:

ڪوئی کيوں پوچهے تيری بات رضاؔ
تجه سے شَيدا ہزار پهرتے ہيں
(حدائقِ بخشش،ص۱۰۰)

**اعلٰي حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻئي مصرعي ۾ عاجزي جو اظهار ڪندي پنهنجي لاءِ ”ڪتي“ جو لفظ استعمال فرمايو آهي پر ادب طور اسان هتي ”شيدا“ لکي ڇڏيو آهي (جنهن جو مطلب آهي عاشق)

**شعر جي وضاحت**: هن مَقطع ۾ **عاشق ماهِ رسالت، سرڪار اعلٰي حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏي عاجزي جو اظهار ڪندي پنهنجو پاڻ کي مخاطب ڪري فرمائن ٿا: **اي احمد** رضا تون ۽ تنهنجي حقيقت ڇا آهي! تو جهڙا تہ هزارين سڳانِ مدينہ (يعني مديني جا ڪتا) گهٽين ۾ ائين ئي گهمي رهيا آهن!

اها غزل عَرْض ڪري دِيدار جي اِنتظار ۾ مُؤدَّب (يعني بااَدَب) ويٺل هئا جو قسمت جاڳي پئي ۽ اکين سان بيداري جي حالت ۾ زيارتِ محبوبِ باري سان مُشرَّف ٿيا- (تذکرۂ امام احمد رضا،ص۱۱ تا ۱۲ملخصاً)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** يقيناً اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سچا عاشقِ رسول هئا، بلڪ عاشقانِ رسول جي قافلي جا سپهہ سالار هئا، **اعليٰ حضرت** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي زندگي عشقِ رسول جا جام پيئاريندا رهيا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي زندگي عشقِ رسول کي فروغ ڏيندا رهيا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڄي زندگي اُمّت کي عشقِ رسول جو درس ڏيندا رهيا ۽ اهو انهيءَ عشقِ رسول جو صلو هو جو سرڪارِ مدينہ ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي هن عاشقِ صادق کي بيداري جي حالت ۾ پنهنجي زيارت سان مشرف فرمايو- الله پاڪ کان دعا آهي تہ اسان کي بہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي طفيل حقيقي عشقِ رسول بہ عطا فرمائي ۽ پنهنجي پياري حبيب، ڏکايل دلين جي طبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت سان بہ مشرف فرمائي- اچو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيکاريل دعا الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيون ٿا تہ

تُو ہی بندوں پر کرتا ہے لطف و عطا ہے تجھی پہ بھروسا تجھی سے دعا

مجھے جلوۂ پاکِ رسول دکھا تجھے اپنے ہی عزّ و عَلا کی قسم

(حدائق بخشش ص۸۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت جي هن واقعي مان اسان کي اهو درس ملي رهيو آهي ته اسان به سچا عاشقِ رسول بڻجي وڃون، هن سان اسان جي دنيا به موچاري ٿيندي ۽ آخرت به بهتر ٿيندي- هن ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو اهو هر ان ڪم کان بچندو جنهن سان شريعت بچڻ جو تقاضو ڪندي آهي- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو عشقِ مجازي کان بچندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ارشادن جي مطابق زندگي گذاريندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو نماز قضا نه ڪندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن ڪوڙ ۽ غيبت ۾ نه پوندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو فرض روزو بنا عذرِ شرعي نه ڇڏيندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن والدين جي دل آزاري نه ڪندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن پاڙيسرين کي تڪليف نه ڏيندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن رشتيدارن سان تعلق نه ٽوڙيندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن ڀين جو حق نه ڦٻائيندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن ڀين جي بي عزتي نه ڪندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن حرام مال ڏانهن نه ويندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن شراب جي ويجهو نه ويندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو بُري صحبت ۾ نه رهندو- ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو ڪڏهن بدنگاهي نه ڪندو- مطلب ته! ❖ **جيڪو سچو عاشقِ رسول هوندو** اهو هر ان ڪم کان بچندو جنهن سان شريعت منع ڪري ٿي- ڇوته سچي عاشقِ رسول کي ان جو عشقِ رسول عبادتن ۾ مصروف رکندو- سچي عاشق رسول

**ڪي ان جو عشقِ رسول** نيڪين ۾ مصروف رکندو- **سچي عاشق رسول ڪي ان جو عشقِ رسول** عمل تي اُڀاريندو- **سچي عاشق رسول ڪي ان جو عشقِ رسول** آخرت جي تياري ڪرائيندو- **سچي عاشقِ رسول ڪي ان جو عشقِ رسول** ظاهر ۽ باطن کي بهتر ڪرڻ تي اُڪسائيندو ۽ اِنْ شَآءَ الله **سچي عاشق رسول ڪي ان جو عشقِ رسول** بروزِ قيامت جهنم کان بچائي جنت ۾ داخل ڪرائيندو- اعليٰ حضرت رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ڪيتري نه پياري ڳالهه ارشاد فرمائي، پاڻ فرمائن ٿا:

اے عشق تیرے صدقے جلنے سے چھٹے سستے
جو آگ بجھا دے گی وہ آگ لگائی ہے
(حدائق بخشش، ص ۱۹۳)

**شعر جي وضاحت:** عام طور ائين ٿيندو آهي ته باهه سان باهه نه وسائبي، بلڪ باهه سان باهه وڌيڪ وڌي ويندي آهي، پر سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا دنيا ۾ هڪ اهڙي باهه به آهي جيڪا جهنم جي باهه کان بچائيندي آهي ۽ اها باهه آهي سيدِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عشق جي باهه- جوته جيڪڏهن اها باهه دل ۾ پيدا ٿي وڃي ته اها ئي باهه جهنم جي باهه کان بچائي ڇڏيندي ۽ اهو نهايت ئي سستو سودو آهي-

## جشنِ وِلادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطّار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صَفَرُالْمُظَفَّر جو مُبَارَڪ مهينو پنهنجي پڄاڻي ڏانهن وڃي رهيو آهي- پوءِ اِنْ شَآءَ الله رَبِيعُ الْاَوَّل جو نُوراني مهينو پنهنجي زور ۽ شور سان جَلْوَه گَر ٿيندو-

اَميرِاَهلسُنَّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابُو بلال محمدالياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جَشنِ مِيلَاد ملهائڻ وارن عاشقانِ مِيلاد کي پنهنجي مڪتوب (Letter) ۾ ڪجهه اَهمّ مَدَني گل عطا فرمايا آهن- اچو! اسان به اهو "مڪتوبِ عطّار" تَوَجُّہ سان ٻڌڻ جي سَعادت حاصل ڪريون ٿا:

## مڪتوبِ عطّار:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمْ سگِ مدينہ محمدالياس عطّارقادِري رَضَوِي عُفِيَ عَنْه جي طرفان تمام عاشقانِ رسول اسلامي ڀائرن/ اسلامي ڀينرن جي خدمت ۾ جشن

**ولادت** جي خوشي ۾ لهرائيندڙ ساون ساون جهنڊن ۾ جڳمڳ ڪندڙ بلبن ۾ ننڍڙين ننڍڙين بتين کي چمندو جهومندو ماڪي ڪان به منو مڪي مدني سلام،

اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه — اَلْحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعٰلَمِينَ عَلٰى كُلِّ حَال۔

تُم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ — اُونچے میں اُونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**چنڊ** واري رات جو هنن لفظن سان ٿي پيرا مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: تمام اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي مبارڪ هجي جو ربيع الاول شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي.

رَبِيْعُ الاوّل اُمیدوں کی دُنیا ساتھ لے آیا — دُعاؤں کی قَبولیَّت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

**مرد** لاءِ ڏاڙهي ڪوڙائڻ يا هڪ مٺ کان گهٽائڻ ٻئي حرام آهن، اسلامي ڀيڻ جو بي پردگي ڪرڻ حرام آهي. براءِ ڪرم ربيع الاول شريف جي برڪت سان اسلامي ڀائر هميشه جي لاءِ هڪ مٺ ڏاڙهي ۽ اسلامي ڀينرون مستقل شرعي پردو ۽ وڏي خوش قسمتي جو مدني برقعو پائڻ جي نيت ڪن.

جُھک گیا کعبہ سَبھی بُت مُنہ کے بَل اَوندھے گرے — دَبدبہ آمد کا تھا، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ جو عظيم مدني نسخو هي آهي ته تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون روزانو فڪر مدينه ڪندي **مدني انعامات** جو رسالو پري هر مهيني جمع ڪرائڻ جي نيت ڪن،

**هٿ کڻي چئو:** اِنْ شَآءَاللّٰه (ياد رکو جيڪڏهن دل ۾ نيت نه هئڻ جي باوجود چاٽي واٺي ڏيکاءُ جي لاءِ هٿ کڻڻ ته مان به نيت ڪيان ٿو گناهه آهي-)

بدلیاں رَحمت کی چھائیں بُوندیاں رَحمت کی آئیں — اب مرادیں دل کی پائیں آمدِ شاہِ عَرَب ہے

(قبالہ بخشش، ص۱۸۴)

**تمام عاشقان رسول اسلامي ڀائر** نگرانن ۽ ذميدارن سميت **ربيع الاول شريف** ۾ خصوصيت سان گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪن ۽ اسلامي ڀينرون ٣٠ ڏينهن تائين روزانو گهر جي اندر

(فقط گهر جي اسلامي ڀينرن ۽ محرمن ۾) فيضانِ سنت جو درس جاري ڪن ۽ وري اڳتي به روزانو جاري رکڻ جي نيت ڪن.

سعادت ملے درسِ فيضانِ سُنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۰۳)

سنين سنين نيتن سان پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي 12 **عدد** نه ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سبز سبز جهندو **ربيع الاول شريف** جي چنڊ رات ڪان وٺي سڄو مهينو لڳايو، بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، ٽانگن وغيره تي ضرورت موجب پنهنجي کيسي مان رقم ڀري جهنڊا خريد ڪري لڳايو، پنهنجي سائيڪلن، اسڪوٽر ۽ ڪار تي به لڳايو، اِنْ شَآءَ الله هر طرف سبز سبز جهنڊن جون بهارون مرڪنديون نظر اينديون، عام طور تي ٽرڪن جي پٺيان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ بي ڍنگا شعر لکيل هوندا آهن، منهنجي خواهش آهي ته ٽرڪن، بسن، ويگنن، رڪشن، ٽيڪسين، سوزوڪين، ۽ ڪارن وغيره جي پٺيان وڏن لفظن ۾ هي لکيل هجي، **مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي.** بس جي مالڪن ۽ ٽرانسپورٽ وارن سان ملي ڪري مدني ترڪيبون ڪيو ۽ سگِ مدينہ عفي عنه جي دل جون دعائون وٺو.

**ضروري احتياط:** جيڪڏهن جهنڊي تي نعلين پاڪ جو نقش پاڪ يا ڪا لکت هجي ته هن ڳالهه جو خيال رکو ته نه اهو ليڙون ليڙون ٿئي، نه ئي زمين تي اچي پئي ۽ جيئن ئي **ربيع الاول شريف** جو مهينو موڪلائي وڃي ته فوراً لاهي ڇڏيو، جيڪڏهن احتياط نه ٿو ٿي سگهي ۽ بي ادبي ٿيڻ جو انديشو هجي ته بنا نقش ۽ بنا لکت جا سادا ساوا جهنڊا لڳايو. (سگِ مدينہعفي عنه به حتي الامڪان پنهنجي مڪان بنام "**بيت الفنا**" تي سادا (يعني بغير ڪنهن نقش ۽ لکت جي) جهنڊا لڳائيندو آهي)

سعادت ملے درسِ فيضانِ سُنّت کی روزانہ دو مرتبہ یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۰۳)

پنهنجي گهر تي 12 جهالرن (يعني لڙهين) يا گهٽ ۾ گهٽ 12 بلبن سان ۽ پنهنجي مسجد ۽ محلي ۾ به 12 ڏينهن تائين خوب لائيٽنگ ڪيو (پر انهن ڪمن لاءِ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي. تنهن ڪري ان سلسلي ۾ بجلي فراهم

ڪندڙ اداري سان رابطو ڪري جائز ذريعن جي ترڪيب ٺاهيو) سڄي علائقي کي سبز سبز جهنڊن ۽ رنگ برنگي بتين سان سينگاري ڪنوار بڻائي ڇڏيو. مسجد ۽ گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي واٽهڙن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوقِ عامہ ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ لڙڪندڙ 12 ميٽر يا ضرورت مطابق سائيز جا وڏا جهنڊا لڳايو، وچ رستي تي جهنڊا نہ هڻو جو ان سان ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، ۽ گهنٽيءَ وغيره ڪٿي بہ اهڙي سجاوٽ نہ ڪيو جنهن سان مسلمانن جو رستو سوڙهو ٿئي ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري جو سبب ٿئي.

مشرِق ومغرب ميں اک اک! بامِ کعبہ پر بھی ایک   نَصب پرچم ہوگیا ، اَھْلاً وَّ سَھْلاً مرحبا

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۴۶)

هر اسلامي ڀاءُ طاقت آهر وڌيڪ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن رپين جا مڪتبة المدينہ جا ڇپيل رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ ميلاد جي جلوس ۾ ورهائي ۽ اسلامي ڀينرون بہ تقسيم ڪرائن. اهڙي طرح سڄو سال اجتماعن ۾ لنگرِ رسَائل جو اهتمام فرمائي ڪري نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شادي غمي جي موقعن تي ۽ مرحومن جي ايصال ثواب جي خاطر بہ "لنگرِ رسائل" هلايو ۽ ٻين مسلمانن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو .

بانٹ کر مَدَنی رسائل دِین کو پھیلایئے   کرکے راضی حق کو حقدارِ جِناں بن جایئے

سگِ مدينہ جو لکيل پمفليٽ "**جشنِ ولادت جا ۱۲ مدني گل** " ممڪن هجي تہ ۱۱۲ نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ ۱۲ عدد ۽ ٿي سگهي تہ **رسالو "صبحِ بهاران"** ۱۲ عدد مڪتبةالمدينہ تان هديو ڏئي حاصل ڪري ورهايو، خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو جيڪي **جشن ولادت** جون ڌومون مچائيندا آهن. **ربيع الاول شريف** جي دوران ۱۲۰۰ روپيا، جيڪڏهن هي نہ ٿي سگهي تہ ۱۱۲ روپيا ۽ اهو بہ نہ ٿي سگهي تہ ۱۲ رپيا ڪنهن سني عالم کي پيش ڪريو، جيڪڏهن پنهنجي مسجد جي امام، مؤذن يا خادمن ۾ ورهائي ڇڏيو تڏهن بہ نيڪ آهي، بلڪ هيءَ خدمت هر مهيني جاري رکڻ جي نيت ڪيو تہ مدينہ مدينہ. جُمُعي جي ڏينهن ڏيو تہ بهتر جو جُمعي تي هر نيڪي جو ثواب سَتَر ڀيرا وڌيڪ ملندو آهي. (پر جمعي جو انتظار ڪرڻ بدران موقعو ملندي ئي اهو نيڪ ڪم ڪرڻ گهرجي) اَلْحَمْدُ لِلّٰه سنتن ڀري بيان جي ڪيسٽ ٻڌي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن

جي اصلاح تي وجهڻ جا واقعا آهن. توهان مان بہ جيڪي خوشنصيب اهڙا بہ هوندا جيڪي بيان جي ڪيسٽ ٻڌي مدني ماحول سان وابستہ ٿيا هوندا، سنتن ڀري بيانن ۽ مدني مذاڪرات جا ميموري ڪارڊز ماڻهن تائين پهچائڻ دِين جي عظيم خِدمت ۽ بي اِنتها ثواب جو سبب آهي تہ جنهن سان ٿي سگهي هفتي ۾ نہ تہ مهيني ۾ گهٽ ۾ گهٽ 12 ميموري ڪارڊز ضرور وڪڻي- مُخَير اسلامي ڀائر جيڪڏهن مُفت ورهائن تہ مدينہ مدينہ- شادين جي موقعي تي شادي ڪارڊ سان گڏ مَدَني رِسالو ۽ ٿي سگهي تہ مذڪوره ميموري ڪارڊ بہ شامل ڪريو-

اُنکے در پے پلنے والا اپنا آپ جواب     کوئی غریب نواز تو کوئی داتا لگتا ہے

وڏي شهر ۾ هر علائقي مشاورت جا نگران (ڳوٺن وارا ڳوٺن ۾)١٢ ڏينهن تائين روزانو مختلف مسجدن ۾ عظيم الشان سنتن ڀريا اجتماع منعقد ڪن (ذميدار اسلامي ڀينرون گهرن ۾ اجتماع فرمائن) **ربيع الاول شريف** جي دوران ٿيڻ وارن تمام اجتماعن ۾ جن ڪان ٿي سگهي اهي سبز جهنڊا گڏ ڪڻي اچن .

لَب پر نعتِ رسولِ اَکرم ہاتھوں میں پرچم     دیوانہ سَرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

**ٻارهين** جي شام نہ تہ ٻارهينءَ جي رات غسل ڪيو، ٿي سگهي تہ هن عيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان اڇو لباس، عمامو، سربند، ٽوپي، مٽي تي پائڻ واري سفيد چادر پردي ۾ پردي لاءِ ناسي چادر، ڏنڊڻ، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، هٿ جي گهڙي، قلم، قافلو پيڊ وغيره پنهنجي استعمال جي هرشيءِ ممڪن هجي تہ نئي وٺو. **(اسلامي ڀينرون بہ پنهنجي ضرورت جون جيڪي شـيون ممڪن هجن اهي نيون وٺن)**

آئی نئی حکومت سِکّہ نیا چلے گا     عالَم نے رنگ بدلا صُبْحِ شبِ وِلادت

(ذوقِ نعت،ص٦٧)

**ٻارهين جي رات اجتماع ميلاد** ۾ گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن هٿن ۾ سبز سبز جهنڊا ڪڻي، درود ۽ سلام جا هار ڪڻي، اکين مان ڳوڙها وهائيندي **"صبحِ بهاران"** جو استقبال ڪيو. فجر جي نماز ڪانپوءِ **سلام ۽ عيد مبارڪ** چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون پيش ڪندا ۽ عيد ملندا رهو.

عيدِ ميلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے　　بالیقیں ہے عیدِ عیداں عیدِ میلادُ النّبی
(وسائلِ بخشش مرمم، ص٣٨٠)

منا منا آقا صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ 12 سومر شريف تي روزو رکي پنهنجي ولادت جو ڏينهن ملهائيندا رهيا، توهان به ياد مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ والِهٖ وَسَلَّمَ ۾ **١٢ ربيع الاول شريف** جو روزو رکي کري سائو جهنڊو کڻي **جلوسِ ميلاد** ۾ شريڪ ٿيو. جيستائين ممڪن ٿئي با وضو رهو ۽ زبان تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغمه ڳائيندي ۽ درود ۽ سلام جا گل پيش ڪندي نگاهون جهڪائيندي باوقار طريقي سان هلو. نينگ ٽپا ڏيندي هلڻ سان ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نه ڏيو.

ربیعُ الاوّل تجھ پر اَہلسنّت کیوں نہ ہوں قرباں　　کہ تیری بارھویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس حج و عمرو

اي عاشقانِ رسول! اَلۡحَمۡدُ لِله دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه جي تعليمات تي عمل سان گڏ سندن نقشِ قدم تي هلڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي- اوهان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو- اَلۡحَمۡدُلِله! الله پاڪ جي فَضل ۽ ڪرم سان دعوتِ اِسلامي 107 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، انهن مان هڪ شُعبَو "مجلسِ حج وعُمره" به آهي جنهن جي ذريعي حج و عُمره جي لاءِ وڃڻ وارن اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن کي "نماز جا ضروري ۽ بنيادي مسئلا سيکاريا ويندا آهن، حج وعمره بابت مختلف احڪام ٻڌائيندا آهن، مختلف دُعائون ياد ڪرائيندا آهن، مکه و مدينه جي باادب ۽ باذوق حاضري جو طريقو ٻڌائيندا آهن- اَلۡحَمۡدُ لِله هن مجلس جي تَحت حج وزيارتِ مدينه جي لاءِ مکي مديني وڃڻ وارن کي اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ العَالِیَه جا تحرير ڪيل ڪتاب "رَفِيقُ الْحَرَمَيْن" ۽ "رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين" به تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن ته جيئن الله جي گهر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عِبادت کي سنّي طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن-

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي نالي رکڻ بابت ڪجھ نڪتا بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو-

## نالو رکڻ بابت ڪجھ مدني گل

پهريان 2 فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪريو: (1) فرمايائون: قيامت جي ڏينهن توهان پِنهنجي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ، تنهنڪري توهان پنهنجا سنا نالا رکو- (ابو داود،ڪتاب الادب باب في تغيير الاسماء،۳۷۴/۴،حديث:۴۹۴۸) (2) فرمايائون: انبياء عَلَيهِمُ الصَّلوٰة وَالسَّلام جي نالن تي نالا رکو- (ابوداود، ڪتاب الادب باب في تغيير الاسماء،۳۷۴/۴،حديث:۴۹۵۰) ❖ ٻار جي ڪنيت رکڻ جائز آهي ۽ حصول برڪت جي لاءِ بزرگن جي نسبت سان ڪنيت رکڻ بهتر آهي، مثال طور ابو تَراب (اها حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنهُ جي ڪنيت آهي) وغيره. (بهارِ شريعت،۲۱۳/۳) ❖ عبدالمصطفيٰ، عبدالنبي ۽ عبدالرسول نالو رکڻ بلڪل جائز آهي ڇوته هن سان شرفِ نسبت مقصود آهي- عبد جون ہہ معنائون آهن، ٻانهو ۽ غلام، ان ڪري اهو نالو رکڻ ۾ ڪو حرج ناهي- غلام محمد، غلام صديق، غلام فاروق، غلام علي، غلام حسين وغيره نالو رکڻ جن ۾ غلام جي نسبت انبياء وصالحين ڏانهن ڪئي وئي هجي، بلڪل جائز آهي- (بهارِ شريعت ، ۳/ص۲۱۳، ماخوذًا) ❖ محمد بخش، احمد بخش، پير بخش ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا نالا رکڻ جنهن ۾ نبي يا ولي جي نالي سان بخش جو لفظ ملايو ويو هجي، بلڪل جائز آهي- (بهارِ شريعت ،۲۱۴/۳) ❖ طٰه، يسين نالا نہ رکيا وڃن ڇوته اهي الفاظ مُقَطَّعَاتِ قُرآنيہ مان آهن جن جي معنيٰ معلوم نہ آهي- (بهارِ شريعت ،۲۱۳/۳) ❖ جيڪي نالا بُرا هجن انهن کي بدلي سنا نالا رکڻ گهرجن- (بهارِ شريعت ،۲۱۳/۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَ الله! آئنده هفتيوار اِجتماع جو موضوع هوندو ”فيضانِ ربيع الاول“ انهيءَ مناسبت سان ايندڙ هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ هن مبارڪ مهيني جون فضيلتون ۽ برڪتون، بزرگانِ دين جي ميلاد ملهائڻ جا واقعا، هن مهيني ۾ ڪيا ويندڙ ڪجهه مخصوص عَمل ۽ اسان کي هن مهيني کي ڪهڙي انداز ۾ گذارڻ گهرجي؟ هن باري ۾ ٻڌايو ويندو- لِهٰذا! **آئنده جمعرات** به اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نه صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ **اِنفرادي ڪوشش** ڪري ٻين کي به گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَالله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

حضرت سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[1]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنھُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[4]

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[1]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305